
قرآني بيان

# غزوهءِ بدر ۾ شانِ مولا علي

(مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي
جي تحت مسجدن جي لاءِ 6مارچ، 2026ع
(متوقع اسلامي تاريخ:16رمضان ڪريم، 1447هه )

## جمعة المبارک جو

(For Islamic Brothers)



**مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امامِ مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ**
**6 مارچ، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ:16 رمضان ڪريم، 1447ھ) جمعة المبارڪ**
**جو**

**قرآني بيان**
**بنام**

# غزوهءِ بدر ۾ شانِ مولا علي (سيپارو:17، سوره حج: 19)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگھندؤ...

- ✿... حضرت رقيہ رضی اللہ عنہا جو ذڪرِ خير
- ✿... مولا علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْہ جا ۾ شانَ
- ✿... جنّت مولا علي جي مشتاق آهي
- ✿... تقويٰ وارن جا 4 اوصاف

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

مسلمانن جي چوٿين خليفي مولا علي شيرِ خُدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عنه جا وڏا شهزادا حضرت امام حَسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عنه فرمائن ٿا: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سُلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: مون تي درود پڙهو! ۽ سلام موڪليندا ڪيو! بيشڪ توهان جتي بہ هجو، توهان جو درود ۽ توهان جو سلام مون تائين پهچندو آهي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيتري خوش قسمتي جي ڳالهہ آهي تہ محبوبِ ذِيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جيڪي الله پاڪ جا مَحبوب آهن، ٻنهي جهانن جا سُلطان آهن، نبين جا نبي آهن، امامُ الانبياء آهن، ملائڪن جا بہ نبي آهن، اسان جيڪڏهن درودِ پاڪ پڙهون تہ اسان گنهگارن جو ذڪر اهڙي شان واري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ بارگاهہ تائين پهچي ويندو آهي.

[1]… مسند ابی یعلی، مسند الحسن بن علی بن ابی طالب، جلد:5، صفحہ:167، حدیث:6755۔

ہو نہ ہو آج کچھ مرا ذِکر حضور میں ہوا
ورنہ مری طرف خوشی دیکھ کے مسکرائی کیوں( 1 )

وضاحت: لڳي ٿو تہ اڄ منهنجو ذڪر حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ ضرور ٿيو آهي، تڏهن تہ هي خوشيون مون ڪي ڏسي مرڪي رهيون آهن.

اسان کي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ گهرجي، مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت عليُ الْمرتضيٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عنه فرمائن ٿا: اِذَا مَرَرْتُمْ بِالْمَسَاجِدِ فَصَلُّوْا عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم يعني جڏهن مسجد جي ويجهو کان لنگهو تہ ان وقت بہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهندا ڪريو![2]

الله پاڪ اسان کي ◈ مسجد کي ڏسي ◈ مسجد ۾ اچي ◈ نماز کان پهرين ◈ نماز کان پوءِ بلڪ ◈ اٿندي ◈ ويهندي ◈ هلندي ڦرندي، ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهندو رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

ذاتِ والا پہ بار بار درود | بار بار اور بے شمار درود
بے عدد اور بے عدد تسلیم | بے شمار اور بے شمار درود
بیٹھتے اُٹھتے جاگتے سوتے | ہو الٰہی مرا شعار درود

---

[1]…حدائقِ بخشش، صفحہ:97۔

[2]…القول البديع، الباب الخامس، عبد دخول المساجد والمرور...الخ، صفحہ:188۔

شہرِ یارِ رُسُل کی نذر کروں | سب درودوں کی تاجدار درود( 1 )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

هٰذٰنِ خَصْمٰنِ اخْتَصَمُوْا فِيْ رَبِّهِمْ ۫ فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا قُطِّعَتْ لَهُمْ ثِيَابٌ مِّنْ نَّارٍ ؕ يُصَبُّ مِنْ فَوْقِ رُءُوْسِهِمُ الْحَمِيْمُ ﴿۱۹﴾

(سيپارو: 17، الحج: 19)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى الله عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

ترجموڪنزالعرفان: هي ٻه ڌرين آهن جيڪي پنهنجي رب جي باري ۾ جهڳڙو ڪن ٿا پوءِ ڪافرن لاءِ باهه جا ڪپڙا ڪاٽي (تيار ڪيا) ويا آهن ۽ انهن جي مٿن تي ٽهڪندڙ پاڻي وِڌو ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! 19 رمضان ڪريم، تاريخي لحاظ کان اهو ڏينهن آهي، جڏهن مدينهءِ مُنَوَّره ۾ هڪ عظيم خوشخبري (Good News) پهتي هئي پر قدرت جا رنگ ڏسو! ان وقت مديني جي فضا سوگوار (Gloomy) هئي، مُعاملو هيئن ٿيو جو هجرت (Migration) جو ٻيو سال هو، رمضان ڪريم جون بابرڪت گهڙيون هيون، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]…ذوقِ نعت، صفحہ:123-124۔

جي لاڏلي شهزادي حضرت رقيہ رَضِیَ اللہُ عَنْھَا بيمار هيون، 12 رمضان ڪريم 2 هجري تي پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم ڪي غزوهءِ بدر جي لاءِ سفر پيش آيو.[1] تنهنڪري پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم پنهنجي نياٽي (يعني پنهنجي ڌيءَ) جي سار سنڀال (Care) جي لاءِ پنهنجي نِياٽي(Son-in-law) يعني مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عنہ کي مديني ۾ ئي رهڻ جو فرمايو ۽ پاڻ صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَانْ کي ساڻ وٺي روانا ٿي ويا.[2] 17 رمضان ڪريم تي حق ۽ باطل جو عظيم معرڪو يعني غزوهءِ بدر پيش آيو، هي اهو ڏينهن هو، جنهن کي الله پاڪ يَوْمُ الْفُرْقَان فرمايو، هن ڏينهن مڪي جي ڪافرن جو غرور خاڪ ۾ ملي ويو، اهي غيرمسلم جيڪي دِينِ حق کي صفحہ هستي کان مٽائڻ چاهين پيا، ان ڏينهن اهي پاڻ مٽيءَ ۾ ملي ويا.

غزوهءِ بدر ۾ مسلمانن کي شاندار فتح نصيب ٿي، 19 رمضان ڪريم جي ڏينهن قاصد فتح جي خوشخبري کڻي مديني پاڪ پهتو، جڏهن قاصد (Messenger) پهتو، ان وقت مديني جي فضا سوگوار هئي ڇو تہ رسولِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جي شهزادي حضرت رقيہ رَضِیَ اللہُ عنھا انتقال فرمائي چڪيون هيون. جڏهن قاصد مديني پهتو، ان وقت ماڻهو پاڻ رَضِیَ اللہُ عنھا جي تدفين ۾ مصروف هئا.[3]

---

[1]...المواهب الدنيہ، المقصد الاول، مغازيہ وسراياه وبعوثہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم، جلد:1، صفحہ:178 خلاصۃً۔

[2]...طبقات ابن سعد، رقم:4099، رقيہ بنت رسول اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم، جلد:8، صفحہ:30۔

[3]...بذل القوة، القسم الثانی، الباب الثالث فيما وقع من الحوادث...الخ، الفصل الثانی، صفحہ:430 خلاصۃً۔

الله اڪبر! منهنجي نبي، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن دين جي خاطر جيڪي قربانيون ڏنيون، انهن لازوال ۽ بي مثال (Matchless) قربانين مان هي هڪ قرباني آهي جو پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دين جي سربلنديءَ لاءِ ميدانِ بدر ۾ هئا، هوڏانهن شهزادي صاحبہ سفرِ آخرت تي روانہ تي رهيون هيون...!!

حق کی راہ میں پتھر کھائے خوں میں نہائے طائف میں

دین کا کتنی محنت سے کام آپ نے اے سلطان! کیا (1)

## حضرت رُقَيَّہ رَضِيَ اللهُ عنها جو ذِڪرِ خير

◈ حضرت رقيہ رَضِيَ اللهُ عنها پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جي لاڏلي شهزادي آهي ◈ اعلانِ نبوت کان پهرين پيدا ٿي. ◈ 20 سالن جي عمر ۾ دنيا مان رخصت ٿي ◈ پاڻ مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رضی اللہ عنہ جون پهريون گهرواريون (Wife) آهن ◈ سندن انتقال کان بعد رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي بي شهزادي حضرت اُمّ ڪلثوم رَضِيَ اللهُ عنها جو نڪاح حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عنه سان ڪرايو ◈ حضرت رقيہ رضی الله عنها دين جي راهہ ۾ 3 ڀيرا هجرت ڪئي، اسلام جي شروعاتي دور ۾ 3 ئي هجرتون ٿيون آهن: 2 مرتبا حبشہ (Abyssinia) جي طرف ۽ ٽئين هجرت مڪي کان مديني جي طرف. حضرت رقيہ رَضِيَ اللهُ عنها اهي ٽئي هجرتون ڪيون[2] ◈ جڏهن پهرين ڀيري پاڻ رضی الله عنها ۽ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عنه حبشہ جي

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:197۔

[2]...آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم کے شہزادے شہزادیاں، صفحہ:69-71 خلاصۃً۔

طرف هجرت جي لاءِ روانا ٿيا تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صلی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: حضرت لوط ۽ ابراهيم علیھما السّلام ڪان بعد عثمان پهريون شخص آهي جنهن پنهنجي گهر وارن (Family) سان گڏ راهِ خدا ۾ هجرت ڪئي آهي.[1]

حضرت رقيہ رَضِیَ اللہُ عنہا جا ٻيا بہ تمام گهڻا فضائل (Virtues) آهن، جيڪڏهن توهان سندن ۽ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جي تمام اَوْلادِ پاڪ جو تفصيلي ذِڪر پڙهڻ چاهيو ٿا تہ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب آقا جا شهزادا ۽ شهزاديون، پڙهي وٺو! هي ڪتاب دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان بہ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو.

خونِ خیرُ الرُّسُل سے ہے جن کا خمیر | اُن کی بے لوث طِیْنَت پہ لاکھوں سلام (2)

وضاحت: جن جي پيدائش سيدُالْمُرسلين، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جي مُبارَڪ خُون مان آهي انهن جي بي عيب ۽ بي داغ سيرت تي لکين سلام نازل هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## آيتِ ڪريمہ جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! 17 رمضان ڪريم غزوهءِ بدر جو ڏينهن آهي ۽ 21 رمضان ڪريم يومِ عليُّ الْمرتضيٰ آهي يعني 21 رمضان تي مسلمانن جي

[1]...مستدرک، کتاب معرفۃ الصحابۃ ، ذکر اول من هاجر...الخ، جلد:5، صفحہ:60، حدیث:6933۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:309۔

چوٿين خليفي حضرت عليُ الْمرتضيٰ شيرِ خُدا رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جي شهادت ٿي.[1] اسان بيان جي شروعات ۾ سيپارو: 17، سورت حج جي آيت: 19 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اها آيتِ ڪريمہ مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جي شان ۾ ۽ غزوهءِ بدر جي بيان ۾ نازل ٿي آهي. جيئن تہ عظيم صحابيءِ رسول حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عنہ قسم کڻي فرمائيندا هئا تہ 3 صحابہءِ ڪرام جيڪي غزوهءِ بدر جي ڏينهن سڀ کان پهريان قريش جي ڪافرن جي مقابلي جي لاءِ اڳتي وڌيا هئا يعني حضرت علي، حضرت حمزه ۽ حضرت عُبيده بن ثابت رَضِیَ اللّٰہُ عنهم، هي آيت (۽ ان کان اڳيون 6 آيتون) انهن 3 صحابن جي حق ۾ نازل ٿيون.[2]

روايتن ۾ آهي: غزوهءِ بدر جي ڏينهن جڏهن مسلمانن ۽ غيرمسلمن جا لشڪر آمهون سامهون ٿيا تہ عُتبہ، شيبہ ۽ وليد بن عتبہ جيڪي مکي جا وڏا سردار (Tribal Chief) ۽ غيرمسلم هئا، اهي ٽئي لشڪر مان نڪري اڳتي ميدان ۾ آيا ۽ پُڪاري چيائون: اي مُحَمَّد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم)! اسان جي مقابلي جي لاءِ جوان موڪليو! انهن جي اها للڪار ٻڌي ڪجهہ اَنصار صحابہ اٿيا، سرڪارِ عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وسلّم فرمايو: توهان ويهي رهو! پوءِ فرمايائون: اي بنو هاشِم! توهان اڳتي وڌو! هي حڪمِ نبوي ٻڌي حضرت مولا علي، حضرت حمزه ۽ حضرت عبيده رَضِیَ اللّٰہُ عنهم اڳتي وڌيا، حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ عتبہ سان، حضرت حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عنہ شيبہ سان ۽ حضرت عبيده رَضِیَ اللّٰہُ عنہ وليد سان مقابلو ڪيو ۽ ڪجهہ ئي لمحن ۾ انهن ٽنهي غيرمسلمن

---

[1]…تاريخ ابن عساکر، رقم:4933، على بن ابى طالب، جلد:42، صفحه:587۔

[2]…تفسير قرطبى، پاره:17، سورة الحج، زير آيت:19، جلد:6، جز:12، صفحه:17۔

کي جهنّم پهچائي ڇڏيو.[1] حضرت ابو جعفر محمد باقر بن علي زين العابدين رَحمةُ اللهِ عليهما فرمائن ٿا: بدر جي ڏينهن آسمان مان هڪ فرشتي نعرو هنيو:

لَا سَيْفَ اِلَّا ذُو الْفَقَارِ | وَ لَا فَتٰى اِلَّا عَلِیٌّ

ترجمو: اَصْل تلوار تہ ذُوالْفَقِار (يعني رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي تلوار) آهي ۽ حقيقي جوان يعني بهادُر تہ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عنه آهن.[2] سُبْحٰنَ الله!

مرتَضیٰ شیرِ حق اَشْجَعُ الْاَشْجَعِیْن | ساقیِ شیر و شربت پہ لاکھوں سلام
شیرِ شمشیر زَن شاہِ خَیبر شِکَن | پَرتَوِ دستِ قدرت پہ لاکھوں سلام (3)

وضاحت: حضرت عليُ الْمرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عنه ◈ الله پاڪ جا شير ◈ بهادرن ۾ سڀ کان وڏا بهادر ۽ ◈ مهمانن کي کير ۽ شربت پيارڻ واري مولاءِ ڪائنات تي لکين سلام نازل ٿين ◈مولا علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عنه شينهن جيان بهادري سان تلوار هلائڻ وارا ◈خيبر جي دروازي کي ٽوڙڻ وارا ◈ دَسْتِ قدرت جو فيضان ماڻيندڙ آهن، پاڻ تي لکين سلام نازل ٿين.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن موقعي تي اهي آيتون ٻڌون، الله پاڪ فرمايو:

هٰذٰنِ خَصْمٰنِ اخْتَصَمُوْا فِیْ رَبِّهِمْ

[1]… سيرة ابن ہشام، غزوة بدر الكبرىٰ، مقتل الاسود بن المخزومى، جلد:1، جز:2، صفحہ:214۔

[2]…الرياض النضرة، جز:3، الباب الرابع، الفصل السادس، ذكر اختصاصہ بتنوبہ…الخ، صفحہ:134۔

[3]…حدائقِ بخشش، صفحہ:313 ملتقطًا۔

ترجموڪنزُالعرفان: هي ٻہ ٽولا آهن جيڪي پنهنجي رب جي باري ۾ جهڳڙو ڪن ٿا. (سيپارو: 17، الحج: 19)

هي ڪُل 6 افراد هئا، 3 غيرمسلم: عتبہ، شيبہ ۽ وليد ۽ 3 صحابہءِ ڪرام عليهمُ الرِّضوان: ◈ مولا علي ◈حضرت حمزه ۽ ◈ حضرت عبيده (رَضِیَ اللہُ عنهم)، هن مقام تي انهن کي الڳ الڳ گروهہ فرمايو ۽ انهن 2 گروهن (Groups) جي انجام متعلق پڻ ارشاد فرمايو. جيئن تہ◈عتبہ◈شيبہ ۽ ◈ وليد جيڪي غيرمسلم هئا، انهن جون 3 سزائون (Punishments) بيان ٿيون، ارشاد ٿيو:

فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا قُطِّعَتْ لَهُمْ ثِيَابٌ مِّنْ نَّارٍ ؕ يُصَبُّ مِنْ فَوْقِ رُءُوْسِهِمُ الْحَمِيْمُ ﴿۱۹﴾
يُصْهَرُ بِهٖ مَا فِيْ بُطُوْنِهِمْ وَ الْجُلُوْدُ ﴿۲۰﴾ وَ لَهُمْ مَّقَامِعُ مِنْ حَدِيْدٍ ﴿۲۱﴾

ترجموڪنزُالعرفان: پوءِ ڪافرن لاءِ باهہ جا ڪپڙا ڪاٽي (تيار ڪيا) ويا آهن ۽ انهن جي مٿن تي ٽهڪندڙ پاڻي وِڌو ويندو جنهن سان جيڪو ڪجهہ انهن جي پيٽن ۾ آهي اهو سڀ ۽ انهن جون کلون سڙي وينديون ۽ انهن جي لاءِ لوهہ جا گرز آهن. (سيپارو: 17، الحج: 19_ 21)

هي انهن غيرمسلمن جون 3 سزائون آهن: (1): انهن کي باهہ (Fire) جا ڪپڙا پارايا ويندا. (2): انهن جي مٿن تي ٽهڪندڙ پاڻي (Boiling Water) وڌو ويندو، جنهن سان انهن جي پيٽ جي اندر جون شيون ۽ کلون سڙي وينديون. (3): ۽ انهن کي لوهہ (Iron) جي گرزن (مثلاً هٿوڙن) سان ماريو ويندو.

الله جي پناهہ! الله جي پناهہ...!! الله پاڪ اسان کي جهنّم جي سخت سزائن کان محفوظ فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

| | |
|---|---|
| سُن رکھا ہے ہوتا ہے بڑا سخت اندھیرا | تُربت میں مری نُور کا فانوس جلانا |
| مَحشر میں حساب آہ! میں دے ہی نہ سکوں گا | رَحمت نہ ہوئی ہوگا جہنَّم میں ٹھکانا |
| یا شاہِ مدینہ! مہِ رَمضان کا صَدقہ | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا[1] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! 3 صحابہءِ ڪرام حضرت مولا علي، حضرت حمزه ۽ حضرت عبيده رَضِیَ اللّٰهُ عنهم جيڪي بدر جي ڏينهن پهرين اڳتي وڌيا ۽ غيرمسلمن کي جهنّم پهچايو، الله پاڪ سندن 4 انعامن جو هتي ذڪر ڪيو، ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّ لُؤْلُؤًا ؕ وَ لِبَاسُهُمْ فِيْهَا حَرِيْرٌ ﴿۲۳﴾ وَ هُدُوْۤا اِلَى الطَّيِّبِ مِنَ الْقَوْلِ ۚۖ وَ هُدُوْۤا اِلٰى صِرَاطِ الْحَمِيْدِ ﴿۲۴﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ الله ايمان وارن کي ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن کي انهن باغن ۾ داخل فرمائيندو جن جي هيٺان نهرون جاري آهن. انهن کي ان باغن ۾ سون جا ڪنگڻ ۽ موتي پارايا ويندا ۽ جنّتن ۾ انهن جو لباس ريشم هوندو ۽ انهن جي پاڪ ڳالھ جي هدايت ڪئي وئي ۽ انهن کي سمورين خوبين جي لائق (الله) جي واٽ ڏيکاري وئي. (سيپارو: 17، الحج: 23_ 24)

---

[1]…وسائلِ بخشش، صفحہ353-354 ملتقطًا:۔

هي 4 انعام آهن: (1): انهن کي جنّتي باغات عطا ڪيا ويندا. (2): هتي انهن کي سون جا ڪنگڻ (Golden Bracelets) ۽ موتي (Pearls) پارايا ويندا. (3): انهن جو لباس مبارڪ ريشم (Silk) جو هوندو. (4): انهن کي پاڪيزه ڳالهه جي هدايت ڏني وئي ۽ سيني خوبين واري رَبّ ڪريم جي راهه ڏيکاري وئي.

## مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جا 2 شان

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن پياري پياري مبارڪ آيتن جي ضمن ۾ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جا 2 شان بيان ٿيا:

## (1): مولا علي جنّتي آهن

پهريون شان تہ اهو بيان ٿيو جو انهن آيتن ۾ ڪين جنّت جي، اتان جي بهترين لباس ۽ زيورات جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي. الحمد لله! حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ قطعي يقيني جنّتي آهن فقط پاڻ ئي نہ، بلڪ سڀ صحابہ جنّتي آهن.

| | |
|---|---|
| ہر صَحابیِ نبی! جنّتی جنّتی | سب صَحابیات بھی! جنّتی جنّتی |
| چار یارانِ نبی! جنّتی جنّتی | حضرتِ صدّیق بھی! جنّتی جنّتی |
| اور عُمرِ فاروق بھی! جنّتی جنّتی | عُثمانِ غنی! جنّتی جنّتی |
| فاطِمہ اور علی! جنّتی جنّتی | ہیں حَسَن حُسین بھی! جنّتی جنّتی |
| والدَینِ نبی! جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی |

اور ابو سُفیان بھی! | جنّتی | جنّتی ہیں | مُعاویہ بھی! | جنّتی جنّتی (1)

## پياري محبُوب جا پيارا ساٿي

حضرت زيد بن ابو اَوفيٰ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم مولا علي رَضِیَ اللہُ عنہ کي مخاطب ڪندي فرمايو: اي علي! تون ۽ منهنجي ڌيءَ فاطمہ بئي جنّت ۾ مون سان گڏ منهنجي محل ۾ رهندؤ، پوءِ پاڻ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم هي آيت تلاوت فرمائي:[2]

اِخْوَانًا عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿۴۷﴾

ترجموڪنزُالعرفان: اهي پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ هوندا اهي آمهون سامهون تختن تي ويٺل هوندا. (سيپارو: 14، الحجر: 47)

## جنت مولا علي جي مشتاق آهي

حضرت انس بن مالِڪ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سُلطان صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم فرمايو: جنّت 3 ماڻهن جي مشتاق آهي: (1): علي (2): عمّار (3): ۽ سلمان فارسي رضی اللہ عنہم.[3]

---

[1]…وسائلِ فردوس،صفحہ:53۔

[2]…فضائل الصحابہ، فضائل علی رَضِیَ اللہُ عنہ من حديث ابی بکر...الخ، جز:2، صفحہ:667، حديث:1137۔

[3]…ترمذی، ابواب المناقب عن رسول اللہ، باب مناقب سلمان...الخ، صفحہ:860، حديث:3802۔

## مولا علي جا جنّتي باغ

حضرت عليُ الْمرتضيٰ، شيرِ خُدا رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: مان رسولِ رحمت، مالِڪِ جنّت صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم سان گڏ مديني جي ڪنهن رستي کان گذري رهيو هيس، اسان هڪ باغ جي ويجهو کان گذرياسين، مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم! هي ڪيترو خوبصورت باغ آهي...!! فرمايائون: لَكَ فِي الْجَنَّةِ اَحْسَنُ مِنْهَا (يعني اي علي!) توکي جنّت ۾ ان کان به وڌيڪ خوبصورت باغ ڏنو ويندو. پوءِ اسان هلندي هلندي هڪ ٻئي باغ جي ويجهو کان گذرياسين. مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم! هي به ڪيترو خوبصورت آهي. فرمايو: لَكَ فِي الْجَنَّةِ اَحْسَنُ مِنْهَا (يعني اي علي!) توکي جنّت ۾ ان کان به وڌيڪ خوبصورت باغ ڏنو ويندو. ائين ئي هلندي اسان 7 باغن جي ويجهو کان گذرياسين، پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم هر ڀيري اهو ئي فرمائيندا رهيا: لَكَ فِي الْجَنَّةِ اَحْسَنُ مِنْهَا (يعني اي علي!) توکي جنّت ۾ ان کان به وڌيڪ خوبصورت باغ ڏنو ويندو.[1]

| | |
|---|---|
| میں گنَاہوں کا مریض اور آپ ہیں میرے طبیب | دیجئے! مجھ کو شفا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| مغفرت کروایئے! جنّت میں لے کے جایئے! | واسِطہ حسنین کا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| اشکبار آنکھیں عطا ہوں ، دِل کی سختی دُور ہو | دیجئے خوفِ خُدا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| بھیک لینے کے لئے دربار میں منگتا ترا | لے کے کشکول آگیا مولیٰ علی مشکل کشا! |

[1] ... مسند ابی یعلی، مسند علی بن ابی طالب، جلد:1، صفحہ:191، حدیث:565۔

کيوں پِھروں در در بھلا خیرات لینے کے لئے | میں فقط منگتا تِرا مولیٰ علی مشکل کشا! (1)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): مولا علي دِين جي لاءِ ڍال آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن مبارڪ آيتن ۾ حضرت علي رضی اللہ عنہ کي خَصَم فرمايو ويو، يعني پاڻ اهي ذيشان آهن جو جڏهن بہ الله پاڪ جي دين کي للڪاريو ويندو آهي، الله پاڪ جي ذات ۽ صفات جي باري ۾ گستاخي ڪئي ويندي آهي تہ پاڻ ڍال (Shield) بڻجي دين جي خدمت لاءِ بيهي رهندا آهن.

## مولا علي ۽ قرآن جي خدمت

صحابيءِ رسول حضرت ابوسعيد خدري رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري اسان رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري جو انتظار (Wait) ڪري رهيا هئاسين، ايتري ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم گهر مبارڪ مان ٻاهر تشريف فرما ٿيا، اسان سڀ استقبال جي لاءِ بيهي رهياسين. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي جُتي مبارڪ کي ڳنڍڻ جي حاجت هئي، جيئن تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جتي مبارڪ مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ کي عطا فرمائي، اهي جتي مبارڪ کي سِبڻ (Stitches) لڳا. ان وقت رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن طرح مون کي قرآنِ ڪريم جي نزول متعلق غيرمسلمن سان مقابلو ڪرڻو پيو آهي، توهان مان هڪ شخص آهي، اهو قرآنِ ڪريم جي تاويل متعلق مقابلو ڪندو(يعني ڪجھ بدباطن قرآنِ مجيد جون معنائون

---

[1]…وسائلِ بخشش، صفحہ:522-524ملتقطاً۔

تبديل ڪري ڇڏيندا، توهان مان هڪ شخص انهن بدبختن سان مقابلو ڪندو). پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هي اهو آهي جيڪو هن وقت منهنجي نعلين (جتيءَ) کي ٽاڪا هڻي رهيو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي واقعو جنهن جي غيبي خبر رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڏني، اهو 38 هجري تي پيش آيو، ڪوفي جا رهندڙ ڪجهه منافق ماڻهو هئا، انهن قرآني آيتن جا غلط مطلب ڪڍڻ شروع ڪيا ۽ انهن غلط مطلب جي آڙ ۾ انهن بدبختن حضرت مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنه تي ڪفر جي فتويٰ به لڳائي.[2] ۽ ناحق قتل و غارت گيري (Unjustified Killings) جي بازار به گرم ڪئي. حضرت مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنه انهن کي گهڻو سمجهايو پر اهي صحيح رستي تي نه آيا، آخر پاڻ انهن سان جنگ ڪئي ۽ انهن کي جهنّم پهچايو.[3]

الله پاڪ جي پناهه! الله پاڪ اسان سڀني کي شرڪ ۽ ڪفر کان بچائي، الله پاڪ اسان کي ايمان تي ثابت قدمي نصيب ڪري.

اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]…ترمذی، ابواب المناقب عن رسول اللہ، مناقب علی بن ابی طالب، صفحہ:846، حدیث:3724۔

[2]…تاریخ ابن عساکر، رقم:4933، علی بن ابی طالب، جلد:42، صفحہ:465-467 خلاصۃً۔

[3]…البدایۃ والنہایۃ، خلافۃ علی بن ابی طالب ، مسیر امین المؤمنین علی الخوارج، جلد:4، صفحہ:307-308 خلاصۃً۔

## دين جي لاءِ ڏال بڻجو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ان کان علاوه بہ حضرت مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي سيرتِ پاڪ (Biography) پڙھو تہ خبر پوندي تہ پاڻ دينِ حق جي لاءِ ڍال ھئا، اللّٰه ۽ رسول جي نافرماني ٿيندي ھئي تہ پاڻ موقعي جي مناسبت سان، حڪمتِ عملي سان ڪلمهءِ حق بلند فرمائيندا ھئا. اسان کي بہ ھي وصف اپنائڻ گھرجي ◈ اللّٰه پاڪ جي نافرماني ٿئي ◈رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي نافرماني ٿئي ◈ دينِ اسلام جي خلاف ورزي (Violation) ڪئي وڃي ◈ گناھن جي بازار گرم ڪئي وڃي تہ اسان کي گھرجي تہ پنھنجي طاقت (Capacity) مطابق، پنھنجي حيثيت مطابق، موقعي جي مناسبت سان، حڪمتِ عملي سان گناھن جو رد ڪريون. اسان جا آقا، اسان جا مولا، مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت عليُّ المرتضيٰ شيرِ خُدا رَضِیَ اللہُ عنہ فرمائن ٿا: تبليغ (يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ) بھترين جھاد آھي.[1] وڌيڪ فرمائن ٿا: جيڪا دل چڱائي کي چڱائي نہ سمجھي ۽ برائي کي برائي نہ سمجھي تہ ان (دل) جي مٿئين حصي کي اھڙي طرح ھيٺ ڪيو ويندو آھي جيئن ٿيلھي کي اونڌو ڪيو ويندو آھي ۽ پوءِ ٿيلھي جي اندر واريون شيون وِڪري وينديون آھن.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلھ چئني طرف گناھ ئي گناھ ڪيا پيا وڃن، ايتري قدر جو بظاھر ڪنھن نيڪ نظر ايندڙ شخص جي ويجھو وڃو تہ اھو بہ ڪڏھن ڪڏھن عقيدي جي خرابين، زبان جي بي احتياطين، بدنگاھين ۽ بد اخلاقين جي آفتن ۾ مبتلا نظر ايندو آھي، افسوس! ھر طرف گناھ گناھ ۽ بس گناھ

---

[1]…تفسير ڪبير، پاره:4، سورة آل عمران، زير آيت:104، جلد:3، صفحه:316.

[2]…مصنف ابن شيبة، كتاب الفتن، ماذكر فى فتنة الدجال، جلد:8، صفحه:667، رقم:124-125.

ئي نظر اچي رهيا آهن! نيڪ ٻانها بيشڪ موجود آهن پر انهن جو تعداد ڪافي گهٽ ٿي چڪو آهي. اهڙن حالات ۾ اسان سڀني تي لازم آهي تہ دينِ حق جي خدمت ڪريون، الله ۽ رسول جون ڳالهيون ماڻهن تائين پهچايون ۽ گناهن جي هن سيلاب جي سامهون بند ٻڌي بيهي رهون. الله پاڪ اسان سڀني کي پنهنجي ۽ ٻين جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اهلِ تقويٰ جا 4 وصف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مولا علي رَضِیَ اللهُ عنه جا شان تہ بيشمار آهن، سچي ڳالهہ اها ئي آهي تہ حضرت عليُ المرتضيٰ رَضِیَ اللهُ عنه تہ ڇا...!! اسان ڪنهن بہ صحابي رَضِیَ اللهُ عنه جا پورا شان بيان نٿا ڪري سگهون...!! بس الله پاڪ اسان کي انهن پاڪيزه ماڻهن يعني صحابہ ۽ اهلِ بيت جي سچي غلامي نصيب فرمائي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو. رمضان ڪريم جا بابرڪت ڏينهن آهن، نيڪيون ڪرڻ، تقويٰ ماڻڻ ۽ جنّت ڪمائڻ جون گهڙيون آهن، آخر ۾ اچو! مولا علي رَضِیَ اللهُ عنه جي هڪ خوبصورت نصيحت ٻڌون ٿا. مسلمانن جي چوٿين خليفي اميرالمؤمنين حضرت مولا علي رَضِیَ اللهُ عنه جن فرمايو: تقويٰ 4 شين جي مجموعي جو نالو آهي: (1): اَلْخَوْفُ مِنَ الْجَلِيْلِ (يعني خدا جو خوف) (2):اَلْعَمَلُ بِالتَّنْزِيْلِ (يعني قرآنِ ڪريم تي عمل ڪرڻ) (3): اَلْقَنَاعَةُ

بِالْقَلِيْلِ (يعني ٿوري تي راضي رهڻ) (4): اَلْاِسْتِعْدَادُ لِيَوْمِ الرَّحِيْلِ (سفرِ آخرت جي تياري ڪندو رهڻ).[1]

يعني اهي 4 وصف جنهن خوش نصيب کي ملي وڃن، اهو متقي بڻجي ويندو آهي. الله پاڪ اسان کي اهي چارئي پيارا وصف اپنائڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪفن دفن(Muslim's Funeral) ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمنٽ جي طرفان مختلف موبائل ايپليڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، جن مان هڪ موبائل ايپليڪيشن: Muslim's Funeral (ڪفن دفن) به آهي. ◈ هن موبائل ايپليڪيشن ۾ مَيّت جي غسل، ڪفن ۽ دفن وغيره جي متعلق اهم ترين معلومات فراهم ڪئي وئي آهي ۽ ◈ هڪ خاص ڳالهه هي ته ميت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟ ڪفن ڪيئن پارائڻو آهي؟ ان جي عملي طريقي جي لاءِ Animated Videos به شامل آهن ۽ ◈ ميت جي غسل ۽ ڪفن جي باري ۾ معلومات جي لاءِ مختلف زبانن ۾ ڪتاب به موجود آهن جن کي با آساني پي ڊي ايف (PDF) ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو.◈ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي، توهان دعوت اسلامي جي مجلس تجهيز و تڪفين جي اسلامي ڀائرن سان به رابطو ڪري سگهو ٿا ۽ ◈ جنازي جي تمام ضروري شين جي باري ۾ معلومات وني سگهجي ٿي، سکو ۽ انهن جي مطابق عمل ڪريو. توهان

[1] …بستان العارفين ، تقوى كا بيان، صفحه:107۔

ٻہ ھي موبائل ايپلي ڪيشن پنھنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو ۽ ٻين ڪي ٻہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان ڪي اختتام طرف آڻيندي ھڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آھي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پاتي ويندڙ غلط فھمي جي نشاندھي)

مسئلو: روزي جي حالت ۾ مسواڪ ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناھي.

وضاحت: عوام ۾ مشھور آھي تہ روزي جي حالت ۾ مسواڪ نٿو ڪري سگھجي. اصل ۾ ائين ناھي، اصل مسئلو ھي آھي: روزي جي حالت ۾ ھر قسم جو مسواڪ ڪري سگھجي ٿو، ان جي ڪرڻ سان روزو ناھي ٽٽندو بلڪ جنھن طرح عام ڏينھن ۾ مسواڪ ڪرڻ سنت آھي اھڙي طرح روزي جي حالت ۾ بہ سنت آھي. ھا! البت اھا ڳالھ ياد رھي تہ جيڪڏھن روزيدار ھجڻ ياد ھجي ۽ چٻاڙڻ سان تاندورا ٽُٽن يا ذائقو محسوس ٿئي تہ چٻاڙڻ کان بچڻ گھرجي. جنھن مسواڪ جا تاندورا ٽٽندا ھجن ۽ روزيدار ھجڻ ياد ھجڻ جي صورت ۾ مسواڪ جو ڪو ريشو حلق (نڙيءَ) ۾ ھليو ويو تہ ان سان روزو ٽٽي پوندو.[1]

اھو بہ ياد رکو! تہ ھي مسئلو صرف مسواڪ جي باري ۾ آھي، ٽوٿ پيسٽ جي جيتري تائين ڳالھ آھي تہ ان کان علماءِ ڪرام منع ئي فرمائن ٿا تہ روزي

[1] ... جنات کو برا بھلا کہنا کیسا ؟ ، صفحہ : 10۔

جي حالت ۾ ٽوٽ پيسٽ نہ ڪيو وڃي. ڇو تہ ٽوٽ پيسٽ جا ننڍڙا ذرا نڙيءَ مان لهڻ جو تمام گهڻو خدشو هوندو آهي، جيڪڏهن الله نہ ڪري ان جا ذرا نڙيءَ مان لهي ويا تہ روزو ٽٽي پوندو. الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَسْمَاءُ الْحُسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَا مُؤَخِّرُ

جيڪو بہ هر روز يَامُؤَخِّرُ 100 (هڪ سئو) دفعا پڙهي وٺندو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! ان جا سڀ ڪم پورا ٿيندا.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]…مدنی پنج سورہ، صفحہ:255۔